# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريه 2023

# SINDHACT NO.IV OF 2023

# سنڌ فنڊ مينيجمينٽ هائوس ايڪٽ، 2021

# THE SINDH FUND MANAGEMENT HOUSE ACT, 2021

## فهرست(CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

Short title, extent and commencement

2.وصفون

Definitions

3.هائوس جو قيام

Establishment of the House

4.هائوس جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the House

5.بورڊ

Board

6.بورڊ جون گڏجاڻيون

Meetings of the Board

7.بورڊ جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the Board

8.سيڙپڪاري ڪميٽي

Investment Committee

9.ضمانت

Indemnity

10.قاعدا جوڙڻ جا اختيار

Power to make rules

11.رنڊڪ هٽائڻ

Removal of difficulty

12.منسوخي

Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 2023

# SINDH ACT NO.IV OF 2023

# سنڌ فنڊ مينيجمينٽ هائوس ايڪٽ، 2021

# THE SINDH FUND MANAGEMENT HOUSE ACT, 2021

[7 مارچ 2023]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ فنڊ مينيجمينٽ هائوس جو قيام، ڪم ۽ قاعدا فراهم ڪيا ويندا.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ حڪومت جي فنڊز جي سيڙپڪاري، ۽ ان جي سنڌ صوبي ۾ اثاثن جي موثر انتظامن لاءِ سنڌ فنڊ مينيجمينٽ هائوس جو قيام، ڪم ۽ قاعدا جوڙڻ، ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ گنجائشون جوڙڻ ضروري ٿي پيو آهي.

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

## باب_I
## شروعاتي
## Chapter_I
## Preliminary

مختصر عنوان، واڌارو

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ فنڊ مينيجمينٽ هائوس ايڪٽ،

2021 سڏيو ويندو.

(2)ان کي پوري صوبي سنڌ تائين وڌايو ويندو.

(3)اهو فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

ءِ شروعات

Short title, extent and commencement

وصفون

Definitions

2.هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a)"انتظامي ادارو" مطلب ڪاتو آفيس، اٿارٽي، ايجنسي، تنظيم، فائونڊيشن، بورڊ، باڊي ڪارپوريٽ يا حڪومت جي انتظامي ضابطي هيٺ ڪو بہ ادارو؛

(b)"بورڊ" مطلب دفعہ 5 تحت جوڙيل سنڌ فنڊ مينيجمينٽ هائوس بورڊ؛

(c)"بورڊ جو چيئرپرسن" مطلب دفعہ 5 تحت بورڊ جو چيئرپرسن؛

(d)"چيف انويسٽمينٽ آفيسر" مطلب دفعہ (2)5 موجب هائوس جو چيف انويسٽمينٽ آفيسر؛

(e)"رکيل فنڊ" مطلب سيڙپڪاري مقصد لاءِ انتظامي اداري جو فنڊ؛

(f) "فنانس ڊپارٽمينٽ" مطلب سنڌ حڪومت جو فنانس ڊپارٽمينٽ؛

(g)"مالي اثاثو" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل مالي اثاثو؛

(h)"مالي سال" مطلب اڪائونٽنگ جو عرصو جيڪو پهرين جولاءِ کان شروع ٿيندو ۽ پوءِ ايندڙ جون جي 3هين ڏينهن ختم ٿيندو؛

(i) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(j) "هائوس" مطلب دفعہ 3 تحت قائم ڪيل سنڌ فنڊ مينيجمينٽ هائوس؛

(k)"سيڙپڪاري" مطلب مالي فائدو حاصل ڪرڻ جي مقصد لاءِ مالي اثاثي جي سيڙائڻ جو طريقو؛

(l) "سيڙپڪاري ڪميٽي" مطلب دفعہ 8 تحت سيڙپڪاري ڪميٽي جوڙي ويندي؛

(m)"سيڙپڪاري پاليسي" مطلب رکيل فنڊ لاءِ سيڙپڪاري مقصدن، سيڙپڪاري حڪمت عملين ۽ سيڙپڪاري پابندين کي بيان ڪرڻ لاءِ ڪاغذي شڪل ڏنل اصولن جو مجموعو؛

(n)"بورڊ جو ميمبر" مطلب دفعہ (1)5 موجب بورڊ جو ميمبر؛

(o)"خرچ" مطلب رکيل فنڊ سنڀالڻ تي هلائڻ لاءِ آيل خرچ؛

(p)"قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا؛

(q)"سيڪريٽري فنانس" مطلب فنانس ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ جو سيڪريٽري؛ ۽

(r) "ڪيرائڻ" مطلب سيڙپڪاري يا ٻين خرچن جي مقصد ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ رکيل فنڊ مان فنڊز ڪيرائڻ.

## باب _II

## سنڌ فنڊ مينيجمينٽ هائوس

## Chapter_II

## The Sindh Fund Management House

**هائوس جو قيام**
**Establishment of the House**

3.هائوس هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب فنانس ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ ۾ هڪ يونٽ قائم ڪيل هوندو.

**هائوس جا اختيار ۽ ڪم**
**Powers and Functions of the House**

4.(1)هائوس ڪي هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قاعدن موجب هيٺيان اختيار ۽ ڪم هوندا:

(a)مالي اثاثن ۾ رکيل فنڊز سيڙائڻ ۽ انتظام ڪرڻ جيئن بورڊ طرفان، يا سيڙپڪاري ڪميٽي طرفان منظوري ڏني وڃي، هر رکيل فنڊ جي منظور ٿيل سيڙپڪاري پاليسي موجب؛ ۽

(b)ٻيا ڪي ڪم سرانجام ڏيڻ ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪرڻ جيئن هن ايڪٽ موجب جوڙيل قاعدن تحت بيان ڪيو وڃي ۽ حڪومت طرفان ان کي سونپيو وڃي.

(2)سمورا انتظامي، مالي ۽ هائوس جي مينيجمينٽ جا ڪم اهڙيءَ ريت هلايا ويندا، جيئن قاعدن موجب بيان ڪيو ويو هجي.

**بورڊ**
**Board**

5.(1)هائوس بورڊ طرفان هلايو ويندو، جيڪو هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب جوڙيو ويندو. بورڊ هيٺين ميمبرن تي مشتمل هوندو:

| | | |
|---|---|---|
| (a) | سنڌ جو وڏو وزير؛ | چيئرپرسن/ ميمبر |
| (b) | فنانس منسٽر/سنڌ جي وڏي وزير جو ناڻي بابت خاص صلاحڪار/اسپيشل اسسٽنٽ؛ | ميمبر |

| | | |
|---|---|---|
| (c) | چيف سيڪريٽري سنڌ؛ | وائيس چيئرپرسن/ ميمبر |
| (d) | چيئرپرسن، پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ بورڊ؛ | ميمبر |
| (e) | سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو؛ | ميمبر |
| (f) | سيڪريٽري فنانس ڊپارٽمينٽ؛ | ميمبر |
| (g) | سيڪريٽري (جي اي)، جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ؛ | ميمبر |
| (h) | صوبائي اسيمبلي سنڌ جا ٻه ميمبر (هڪ مرد هڪ عورت) اسپيڪر طرفان نامزد ڪيا ويندا؛ | ميمبرز؛ |
| (i) | چيف انويسٽمينٽ آفيسر؛ | بورڊ جو سيڪريٽري |

(2)هڪ چيف انويسٽمينٽ آفيسر هوندو، جيڪو بورڊ جي سيڪريٽري طور ڪم ڪندو ۽ اهڙيون ذميداريون سرانجام ڏيندو، جيئن قاعدن موجب بيان ڪيون ويون هجن.

بورڊ جون گڏجاڻيون
Meetings of the Board

6.(1)بورڊ ايترا ڀيرا گڏجاڻي ڪندو، جيترو ضروري هجي، پر مال سال ۾ هڪ دفعو کان گهٽ نہ هوندو.

(2)بورڊ جا پنج ميمبر ڪورم جوڙيندا.

(3)سنڌ جي وڏي وزير جي غير موجودگي جي صورت ۾، وائيس چيئرپرسن بورڊ جي چيئرپرسن طور ڪم ڪندو.

(4)بورڊ جو فيصلو موجود ميمبرن جي اڪثريت راءِ بنياد

تي ڪيو ويندو. برابر ٽيڙ جي صورت ۾، چيئرپرسن کي فيصلائتو ووٽ حاصل هوندو.

| | |
|---|---|
| بورڊ جا اختيار ۽ ڪم<br>Powers and Functions of the Board | 7.(1) بورڊ کي حڪومت کي منظوري لاءِ انويسٽمينٽ پاليسي پروپوزل اماڻڻ جا اختيار حاصل هوندا.<br>(2)بورڊ کي رکيل فنڊ جي سيڙپڪاري اهڙي رکيل فنڊ لاءِ انويسٽمينٽ پاليسي موجب منظوري جا اختيار حاصل هوندا.<br>(3)بورڊ کي انتظامي اداري طرفان رسمي درخواست تي فنڊ مان رقم ڪڍڻ جي منظوري ۽ رکيل فنڊ مان خرچن جي منظوري جا اختيار حاصل هوندا. جيڪڏهن بورڊ ايئن فيصلو ڪري ٿو، اهڙا اختيار بورڊ طرفان توثيق سان سيڪريٽري فنانس کي منتقل ڪري سگهجن ٿا.<br>(4)بورڊ پنهنجا ڪي بہ اختيار انويسٽمينٽ ڪميٽي کي منتقل ڪري سگهي ٿو سواءِ دفعہ (1)7 ۾ فراهم ڪيل اختيارن جي. |

## باب ـ IV
## سيڙپڪاري ڪميٽي
## Chapter_IV
## Investment Committee

| | |
|---|---|
| سيڙپڪاري ڪميٽي<br>Investment Committee | 8.(1)حڪومت هن ايڪٽ جي گنجائشن ۾ ان تحت جوڙيل قاعدن موجب رکيل فنڊ جي سيڙپڪاري سنڀالڻ لاءِ هڪ يا وڌيڪ سيڙپڪاري ڪميٽيز جوڙيندي. |

## باب ـ V
## متفرقات
## Chapter_V

## Miscellaneous

| | |
|---|---|
| 9.هن ايڪٽ يا ان تحت جوڙيل قاعدن موجب سٺي نيت سان ڪجهه بہ ڪرڻ يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي بورڊ، هائوس، چيئرپرسن، ميمبرز ۽ هائوس جي ملازمن خلاف ڪو بہ مقدمو يا ٻي قانوني ڪارروائي نہ ڪئي ويندي. | ضمانت<br>Indemnity |
| 10.حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدا جوڙڻ جا اختيار<br>Power to make rules |
| 11.جيڪڏهن هن ايڪٽ جي ڪنهن بہ گنجائش کي موثر بڻائڻ ۾ ڪا رڪاوٽ پيش اچي ٿي، حڪومت اهڙي رڪاوٽ هٽائڻ لاءِ اهڙو حڪم ڪري سگهي ٿي، جيڪو هن ايڪٽ جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نہ هجي. | رنڊڪ هٽائڻ<br>Removal of difficulty |
| 12.سنڌ فنڊ مينيجمينٽ هائوس ايڪٽ، 2013 (2013 جو سنڌ ايڪٽ نمبر XLV) منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | منسوخي<br>Repeal |

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**